# شڪارپور جون يادون



February 14, 2007 at 12:40 am | In Autobiographical, Sindh | 3 Comments

هڪَ نظرَ هيڏانهن ـ هن بِلاگَ ۾ ڪتب آندل ڪِن نئونِ ۽ پُراڻن لفظن جي معنا ڏسڻ لاءِ هت ڪلڪ ڪندا .

/http://shikarpuri.wordpress.com/glossary

پين لفظن جي معنا لاءِ، يا ٻي ڪنهن سڌاري لاءِ ”ڪامينٽِ“ ڇڏيندا تہ ٿورائتو ٿيندم.

اڄ هتي شمپينَ جي شهر ۾ برف پئي ڪري. تَپِشِ ماپَ برف ڄمائيندڙ ٻُڙي کان 20 سَنوَينياڳي درجا (سينٽي گريڊ) ڪريلِ آهي. مٿان توفاني هوا ۾ هڪَ فُٽَ کان مٿي ڪِريل برف پئي هيڏاهن هوڏانهن اڏامي. اڇي برف جي اُڏام شڪارپورَ جي لُوهہَ ۾ اُڏامندڙ واري ياد ڏياري پئي توڙي لوهہ اُڏرندي پنجاهَ سَنوَينياڳي درجَن جي گرميِ اِهڙي هوندي آهي جڻ باهِ پئي ٻري. (مٿيون فوٽون گهر جي پويان گاهہَ ۾ ڍنڍَ جو آهي، ٻنهي تي برف ڄميلَ).

منهنجيِ عُمرِ اٽڪلَ ست ورهيہ هُوندِي جڏهن منهجي مائٽن ڪراچيءَ کان شڪارپورَ لاڏاڻو ڪيو. منهنجي بابا کي ڪراچيءَ ۾ ڏاڍي آنڊِ مانڊِ ٿيندي هُئِي .شهرُ نہ رڳو ڏاريو پرَ نِرِ آتما




لڳندو هوسِ. ٻيءَ طرف اَمڙِ کي سودائو ٻارن جي تعليم جو رهندو هيو. اِنهن ٻنهي ويچارن جو ٽڪرُ سدائين رهيو ۽ امڙِ ۽ بابا وچ وِنجوڳُ جو ڪارڻ بہ بڻيو. پَرَ هَجوَ آميز سَتيتا (حقيقتَ) اِها آهي تہ جيڪا پِروُڙَ مانکي شِڪارپور رهڻ سان مِلي تنهن عُمِرَ لاءِ منهنجي سمجهہ ڦيرائي ڇڏي. اِها پِروُڙَ کنهن سِڪوُلَ وڃڻ ڪري ڪانہ مِليَمِ پر

انهيءَ جو ڪارڻ نہ رڳو سڄي ماحول جي ڦيرَ هُئِي پَرَ شهر جي ويراني هوندي بہ منجهسِ بابا واتان کنهن گذريل زماني جون ياديون ٻڌندي کنهن ٻيءَ دنيا جو ڪاڪو اکين اڳيان پڌرو ٿيو. امان پاڻ پڻ گهڻائي وار چوندي هُئِي تہ چڱو ٿيو شڪارپوُرَ ۾ اچي رهياسي.

اِهو شڪارپور رهندي ئي ٿيو جو مان سنڌي لکڻ پڙهڻ، توڙي ڳالهائڻ سِکي; جنهن ڪمَ لاءِ سائين ماستُر قلندر بخشُ وڏا ڪرمي هُئامِ. نہ رڳو مان کي سنڌي سکارڻ لاءِ گهڻي محنت ڪيائون پر ايتري چاهہ سان جو پائي سِکڻي بہ ونڻ کان سفا اِنڪار ڪيائوُن. روز سائيڪِلَ تي اچي بہ بہ ڪلاڪ سبقُ پاڙهيندا هيا ۽ بہ ٽي ڪلاڪَ ڪمُ ڪرڻ لائي ڏيئي ويندا هيا. سنڌي پهرين جمات کنئون ڇهين جا سبق ڪِنِ مهنِنِ ۾ پورا ڪريائون.

خيرُ ، ڪاٿي ڪراچي ۽ اُتان جي پنهاگيرن وارو سماج، ڪاٿي شِڪارپور جي رنگا رنگي، ماڻهن جي مناڻ ۽ نماڻائي .اسان جي اڱڻ تي هفتورا جمي رات چونڪيون جن ۾ پرهَ ڦٽي ڪُڪڙَ جي ٻانگَ تائين ڄاگرتا، سنڌوءَ واهہَ جي ڪپَ تي راڳَ جون محفِلون ۽ گهاٽ تي ٿڏي هيرَ .سانجهيءِ جو بابا جي اوطاق تي اديبن ۽ شاعرن جي ڪچهري لڳندي هئي جنهن ۾ ٻين جا تہ نالا وِسري ويا اٿمِ پرَ اجا يادِ ٿمِ تہ صوفيِ جهامنداسِ ۽ لُطفُلا بدوي ڪَئَتائتو ايندا هيا ۔

سچُ چئيجي تہ اهو سڀ هوندي بہ مان تي پرڻ پيا ڪي بہ ٻيا وڏا اثر، هڪُ تہ هڪڙي هاريِ چاڪرَ جي ڳالهين ۽ انداز جا ۽ ٻيو ڪُڪڙين، ڳاڙن، طوطن، ڪانگن، ڪُتنِ ۽ ڏاندن سان منهنجي رُڻ جُهڻ جا .اِنهن ۽ ٻين گهڻيئي ڳالهيُنِ بابت ڪنهن ٻي پيري حياتي هوُندي تہ اول خيرُ لکبو۔

شڪارپورَ ۾ اسان جو گهر شهرَ کان ٻاهرِ سَکرَ روڊَ جي پِرَ هيو (جنهن روڊ کي شڪارپوري ڪاليج روڊُ ڪري ڪوٺيندا هيا). ڏهن صدر بازار پاسي مان ريلَ ڦاٽڪَ پار ڪيون چيلا سِنگهہ ۽ سيتلداسِ شڪارپور ڪاليج ڏانهن وڃبو هو



تہ واٽ تي کاٻي پاسي هڪ ننڍڙو رستو اسان جي گهر ڏانهن ويندو هو .اِيهو رستو ڪچو هوندو هو ۽ ڪي سَوَ ميِٽرَ (والَ) لامَ هوندسِ .جڏهن 1982 ۾ شڪارپور

ويُمِ تہ ڏُنُمِ تہ هن نئدي رستي تي گهرٽيئي سرڪاري ”فِليٽَ“ ٺاهيا ويا آهن تہ ڄڻ رستو گهٽي ٿهي ويو آهي ۽ گهرَ ڪنهن ڪوٺا جي واپاري گدامُ ٻڻائي ڇڏيو آهي ـ) فوٽو ڪاليجَ جو هڪُ منظر ::

گهرَ سان هِڪ اَڌ ايڪڙَ باغ هيو ۽ کوُهہ تي ڏاند هلائي باغ کي پاڻي پڄائبو هو. (اهو باغ پڻِ 1982 ۾ ويرانُ ڏٺمِ .(باغ ۾ بہ زيتوُنن جا وڻَ ۽ هڪُ اَڌُ انب جو وڻ هيو. شهتوُتَ جو هڪ وڻ پڻ هيو. ڄموُئَنَ جا بہ وڏا وڻ هيا، ۽ ڪيئي ڪجين ۽ ڏوڳنِ جا وڻ هئا .اِهي ڄمون اڄا ياد اٿمِ .. ڄموُئن ۽ ڏونڪنِ جو سوچيندئي واتَ ۾ اُنهن جو بنڌيج ڏيندڙُ ڪسارو چَشڪو محسوسُ ٿيمِ ..پرَ هاڻِ اهي ميوا ڪائِڻَ ياڳن ۾ نہ رهيامِ .الو ميان !انهيءَ باغ جون مِٺيون تازيون ترڪاريون ! ڇا ڳالهہ ڪيان.



هاڻِ اِهو بلاگ پڻ پورو ڪرڻ جو وقت اچي ويو جيتوڻڪ ڳالهيون ڪونہ ڪٽيون .لکڻ ۾ ڪيئي رنڊڪوُن پونِ جو وقت جي تنگي سدائين رهيم .اڄُ ڪجهہ وقت ڪڍيمِ جو هتِ شمپين ۾ برفَ ڏيڍُ فُٽَ پئي ۽ ڪِن هندنِ تي هوا ٿنِ ڇئن فٽن جا برفي ديرا ٺاهي ڇڏيا .هونئن بہ چار انچَ يا سمجهو ڏهہ ڪن سَوَينياڳي مِيٽرَ سياري ۾ پنج اٺ ڀيرا پوندي آهي .هيل ايڏي تہ پئي آهي جو ٽيهنِ ورهين ۾ پهريون وار آهي جو يونيورسٽيءَ

ڪنهن ٻه سببَ ڪري هڪَ ڏينهن لاءِ بند ڪئي وئي !  پَرَ ڪم ڪاريون ڪي ڪُنٽيون ناهنِ.

مثال طور منهنجي گهر جي طبيلي کان روڊَ تائين رستو ڪو ويهه ٽيهه ميٽرَ هوندو.  گهٽوتر هتي سُڪل برفَ اهڙي پوي جنهن ۾ موٽرِ جا ڦيتا اينئن ڦاسن جيئن واريءَ ۾.   سو ٻاهر نڪرڻ لاءِ اهو خانگي رستو پاڻ صفا ڪرڻو پوي. ڪي انهيءَ ڪمَ جو ٺيڪو ڏيندا آهن, ڪي مشن هلائيندا آهن . پر اسان پاڻ پنهنجي هٿن سان بيلچو هنيون صفا ڪندا آهيون ته ٿوڙي تازي هوا ٻه کائئون ۽ ڪا بودي ڪي ورزش ٻه ٿئي .اج انهيءَ ڪمَ منهنجا ۽ منهنجي زالَ جا ڪيئي ڪلاڪ مَزوري ۾ لڳايا هوندا ـ توڙي اج يونيورسٽي بند هُئي ۽ ڪلاس ڪانه پاڙهڻي هُيمِ تنهن هوندي ٻه پروفيسري جو ڪم پيو هلي ـ هاڻ ڪي پنهنجي نگراني هيٺ پي ايچ ڊي ڪندڙ وديارٿيءَ جو ڦولهاري پرچو ٻيهر پڙهي انهيءَ جي لِکت صحيح ڪرڻي اٿمِ جو سڀاڻي تائين اِهو ڪمپيوٽرن جي هڪ ڦولهاري ڪانفرنس ۾ پيشُ ڪرڻ جي تجويزَ لاءِ موڪلڻِ درڪار آهي جيئنئين ٻيا ڪمپيوٽرَ وگياني جيڪي انهيءَ ڪانفرنس جي موضوع پرِ ماهِرَ آهِن نظر ثاني ڪيو ڪانفرنس ۾ وجهڻ نه وجهڻ جو فيصلو ڪري سگهن

چڱو وري ملنداسين